# ۱. پرارٿنا



**ٻُڌو. ڳايو.**

تو بَخشيون اَسان کي، لکين نعمتون،
ديا سان اُنهن ۾، تون وِجهہ بَرِڪتون.
سٺيون عادتون ڏي، سٺيون خصلتون،
تہ پنهنجون سُڌاريون اَسين حالتون.
دَيالو اَسان تي، اِها ڪَرِ دَيا،
چَپَنِ تي رِهي تنهنجو نالَو سَدا.
ڪنن سان ٻُڌون، تنهنجي هردم ثنا،
اَکين سان ڏسون شان تنهنجو پيا.
نمسڪار توکي هميشهہ ڪريوُن،
۽ سِرُ تنهنجي چرنن ۾ هردم ڌريون.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| بخشيون= ڏنيون | نعمتون = وردان | برڪت = واڌارو |
| خصلتون = خوبيون | سَدا = سدائين | ثنا = ساراهہ |
| شان = دَٻِدَٻو، جلوو. | | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) شاعر ڇا ۾ برڪتون وجهڻ لاءِ چوي ٿو؟

٢) پنهنجون حالتون سُڌارڻ لاءِ ايشور ڪان ڇا گهُريو ويو آهي؟

٣) ڇَپَنِ تي ڪنهنجو نالو رَهڻ لاءِ چيل آهي؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) شاعِرُ ڪَنَنِ ۽ اکين لاءِ ڇا ٿو چوي؟

٢) ’پرارٿنا‘ بيت جو سارُ لکو.

**سوال ٣: خال ڀريو.**

١) تو بخشيون اَسان کي ...................... نعمتون.

٢) ديالو اَسان تي اِها ڪرِ ......................

٣) ...................... توکي هميشھ ڪريون.

**سوال ٤: بيت جي آڌار تي سِٽُون پوريون ڪريون.**

١) سٺيون عادتون ........................................................ اَسين حالتون.

٢) ڪَنن سان ............................................................ تنهنجو پيا.

---

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر بند تي عملي ڪم**

سٺيون عادتون ............................................................ شان تنهنجو پيا.

**ڇؤڪنڊن ۾ ڏنل لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو.**

| سدا | اَکين |
|---|---|
| | |

**(i) ’هردم‘ لفظ جا اَکر ڪم آڻي، نوان لفظ تيار ڪريو:-**

١) ................................. (هميشھ)

٢) ................................. (ساهُ)

٣) ................................. (ساڳيو)

٤) ................................. (ڳني)

(٢) هيٺ ڏنل بيان لاءِ ’سٺي عادت‘ يا ’خراب عادت‘ برئڪيٽ ۾ لکو:

١) هميشه سچ ڳالهائجي. (                    )
٢) دير سان اُٿڻ گهرجي. (                    )
٣) وقت جو قدر ڪرڻ گهرجي. (                    )
٤) ڪاڌي کائڻ کان اَڳ هٿ ڌوئڻ گهرجن. (                    )
٥) ٻاهريون جنڪ فوڊ کائڻ گهرجي. (                    )
٦) روز ڪسرت ڪرڻ گهرجي. (                    )
٧) صبح جو اُٿڻ سان ۽ رات جو سمهڻ کان اَڳ بُرش ڪرڻ گهرجي. (                    )

(٣) سنڌيءَ ۾ ڪيترا مشهور پرارٿنا گيت آهن. اُنهن مان جيڪي توهان کي وڻن اُهي ڪلاس ۾ گڏجي ڳايو.

LHS3HQ

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

١. هيٺ گولن مان سپ اَکر کڻي ٻه لفظ ٺاهي اُنهن جا الڳ الڳ جملا ڏنل مثال موجب لکو:

| اَکر | لفظ ۽ جملا |
|---|---|
| مثال: د آ ي | ١. هاسٽل ۾ رهندي مان مائٽن کي ڏاڍو ياد ڪندو آهيان.<br>٢. اَسان کي پکين پسن تي ديا ڪرڻ گهرجي. |
| و ر ز | ١.<br>٢. |
| آ ر ڄ | ١.<br>٢. |
| ل م ع | ١.<br>٢. |
| ز آ ي ن | ١.<br>٢. |
| ي ت ر | ١.<br>٢. |
| ڪ و ل | ١.<br>٢. |